SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1981

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1981

# سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 1981

# THE SIND LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 15 جو متبادل بڌايو ويندو
Substitution of Section 15 of Sind Ordinance XII of 1979

3. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 37 ۾ ترميم
Amendment of Section 37 of Sind Ordinance XII of 1979

4. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 60 ۾ ترميم
Amendment of Section 60 of Sind Ordinance XII of 1979

5. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 شيڊول II ۾ ترميم
Amendment of Schedule II of Sind Ordinance XII of 1979

6. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 شيڊول V ۾ ترميم
Amendment of Schedule V of Sind Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1981
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1981
# سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SIND LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[23 سيپٽمبر 1981]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1979 جي دفعہ 15 کي متبادل بڻايو ويندو
Substitution of Section 15 of Sind Ordinance XII of

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جنهن کي بعد ۾ بہ سنڌ آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 15 لاءِ هي متبادل هوندو:

"15. تعلقہ ڪائونسل مشتمل هوندو.

(a) تعلقہ جي يونين ڪائونسل جي چيئرمين.

(b) تعلقي مان چونڊيل ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا ميمبر.

1979

(c) تعلقي مان يونين ڪائونسل جي چونڊيل عورت ميمبرن مان 2“

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 37 جي شق (c) جي متبادل بڻايو ويندو

Amendment of Section 37 of Sind Ordinance XII of 1979

3. هن آرڊيننس جي دفعه 37 ۾ ذيلي دفعه (2) جي شق (c) ۾الفاظ ”پاڪستان پينل ڪوڊ هيٺ“ ختم ڪيا ويندا ۽ ان کي هميشه جي لاءِ حذف ٿي تصور ڪيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 60 ۾ ترميم

Amendment of Section 60 of Sind Ordinance XII of 1979

4. آرڊيننس جي تحت دفعه 60 جي ذيلي دفعه (4) ۾ الفاظ ”حڪومت“ کي ”اهڙي ٽيڪس جي منظوريءَ يا ڦيرگهير جو حڪم“ کي متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو ته اهو شروع کان متبادل آهي.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 شيڊول II ۾ ترميم

Amendment of Schedule II of Sind Ordinance XII of 1979

5. هن آرڊيننس جي تحت شيڊول ii جي پارٽ ii ۾ آپشنل فنڪشنز جي پيراگراف 40 جي شق 1 ۽ 2 کي حذف ڪيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 شيڊول V ۾ ترميم

Amendment of Schedule V of Sind Ordinance XII of 1979

6. هن آرڊيننس جي شيڊول V، جي پارٽ iii ۾ شق (6) جي لاءِ هيٺين تبديلي هوندي.

”6. سامان جي برآمدات تي ملندڙ ٽول صرف ڊسٽرڪٽ ڪائونسل پاران روانگي ڊل سڌرائيندو ۽ ڊسٽرڪٽ جي ٻئين ڪائونسل سان گڏ حڪومت جي هدايت جي مطابق ورهايو ويندو.“

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**